# ٽرانسپيرنسي انٽر نيشنل پاڪستان (ٽي آءِ پي)

### هڪ تعارف

ٽرانسپيرنسي انٽر نيشنل (ٽي . آء) جو قيام جرمني جي شهر برلن ۾ مئي 1993ع ۾ اهڙن ماڻهن جي هڪ گروپ جي طرفان عمل ۾ آندو ويو جيڪي ٽي آء جي باني چيئرمين پيٽر ايجن جي تصورن سان اتفاق ڪندا هئا. اچ هيء تنظيم عالمي سطح تي بدعنوانين جي خاتمي لاء سرگرم وڏين تنظيمن ۾ شامل آهي. هن تنظيم جو مشن اهڙي تبديلي آڻڻ آهي، جنهن جي نتيجي ۾ دنيا ڪي بد عنوانين ڪان پاڪ ڪيو وڃي.

**ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جو تعارف:-**

ٽرانسپيرنسي انٽر نيشنل پاڪستان فيبروري 2001ع ۾ قائم ڪئي ويئي. ان کي ٽرانسپيرنسي انٽر نيشنل برلن جي طرفان 25 آڪٽوبر2005ع تي مقرر طور تي قومي شاخ جو درجو ڏنو ويو. هيء هڪ غير منافع بخش غير جانبدار ۽ غير سياسي تنظيم آهي. جيڪا قومي سطح تي بدعنوانين جي سدياب جي خاتمي لاء ڪوشان آهي.

ٽي. آء. پي جو تصور **"پاڪستان کي رهڻ لاء هڪ بهتر ملڪ ناهڻ آهي."**

اسان جو مشن:- تمام فرد، تنظيمون، معاشري ۽ قوم جي نوجوانن ۽ بزرگن، تمام مذهبن سان تعلق رکڻ وارا اهڙا امير ۽ غريب ماڻهو، جن جي دلين ۾ نيڪيء جي باهه پڙڪي رهي هجي يا پلائين جي معمولي چڻنگ چو نه هجي، هڪ پليٽ فارم تي جمع ڪرڻ.

ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل ظاهري طور نه بدعنوانين جي تفتيش ڪري ٿي ۽ نه وري اڪيلي سر معاملن کي منظر عام تي آڻي ٿي پر اڪثر اهڙين تنظيمن سان شرڪت ڪري ٿي. جيڪي ان قسم جو ڪم ڪري رهيون آهن.

**شفافيت:- (Transparency)** جو مطلب معلومات عام ڪرڻ ۽ ه ڪليل انداز ۾ ڪم ڪرڻ آهي. **"بدعنوانين جو مطلب عهدي جو ناجائز طور تي استعمال ڪري، ذاتي فائدن جو حاصل ڪرڻ"** عهدو هڪ ذميدار حيثيت ٿيندي آهي. جيڪا اعتبار جي ڪري ڪنهن شخص کي سپرد ڪئي ويندي آهي ۽ جڏهن اهو شخص اختيار حاصل ڪندو آهي، ته هو اختيار ڏيڻ واري اداري جي طرفان ڪم ڪندو آهي. چاهي اهو ادارو نجي هجي، سرڪاري يا غير منافع بخش بدعنواني نه صرف غربت جو سبب ٿيندي آهي، مگر هوء غربت تي قابو پائڻ جي ڪوشش ۾ هڪ سخت رڪاوٽ به بڻجي ويندي آهي. هيء قومن جي سياسي، معاشي ۽ سماجي زندگيء جو حليو بگاڙي غربت ۾ اضافو ڪندي آهي ۽ پوء بنيادي وسيلن ڪان محروم غريب ماڻهو پنهنجي آمدنيء جو وڏيڪ حصو رشوت ڏيڻ تي خرچ ڪرڻ لاء مجبور ٿي ويندا آهن.

بد عنوانيء جو مطلب هي هوندو آهي ته، فيصلا عوام جي مفاد کي پيش نظر رکي نه بلڪه ذاتي فائدا حاصل ڪرڻ لاء ڪيا ويندا آهن. بد عنوانين جي وجهه سان جمهوري ادارا ڪمزور ٿي ويندا آهن چاڪاڻ ته سياستدان عوام جو ساٿ ۽ اعتماد وڃائي ويهندا آهن. بد عنوانين جي ڪري تجارت کي نقصان ٿئي ٿو. سرمايه ڪاري جي ڪري

حوصله شڪني ٿئي ٿي. ماحول کي خطرو ٿئي ٿو. ان جي نتيجي ۾ انساني حق ڪسيا وڃن ٿا. خاص طور تي ترقي پذير ملڪن جي ڪروڙن ماڻهن جي لاءِ رزق حلال ڪمائڻ ناممڪن ٿي ويندو آهي.

بدعنوانين جي خاتمي جي لاءِ وڙهڻ چو اهميت جو حامل آهي؟؟

بد عنواني جي ڪري هونئن ته هر ماڻهو کي نقصان ٿيندو آهي، پر سڀ ڪان وڏيڪ نقصان غريبن کي برداشت ڪرڻو پوندو آهي.

مثال طور:-

- ❖ هڪ سادي طبيعت جي بيمار ماڻهو کي بيڪار قسم جي جعلي دوائن جي خريداري سبب ان جي صحت کي تمام گهڻو خطرو لاحق ٿئي ٿو.
- ❖ هڪ ننڍڙي دڪان جي مالڪ کي هر هفتي ڪنهن نه ڪنهن کي رشوت ڏيئي پوي ٿي. جنهن جي ڪري ان جي آمدني جيڪا پهرين ئي تمام گهٽ آهي. ان ۾ وڌيڪ گهٽتائي ٿئي ٿي.
- ❖ انهن سڀني (Challenges) جو مقابلو ڪرڻ اسان سڀني جي ذميداري آهي. ڪنهن به قسم جي بدعنواني يا رشوت جنهن جو اسان جي روزمره زندگيءِ ۾ عمل دخل آهي. انهن جي خلاف وڙهڻ جي بجاءِ هارمجڻ جو مطلب اهو هوندو آهي ته، اسان خود انهن بدعنوانين ۾ شامل آهيون. اسلام واضع طور تي چوي ٿو ته هر ان ماڻهو کي جيڪو رشوت ڏئي ٿو يا وٺي ٿو يا ڪنهن به طرح سان بدعنوانين ۾ شريڪ ٿئي ٿو. ته ان کي جهنم ۾ وڌو ويندو.

**بدعنوانين جا عام قسم:-**

**1. رشوت:-** رشوت ان لاءِ ڏني ويندي آهي ته، جيئن ڪنهن قسم جي فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ يا ڪنهن ڪاروائي يا فيصلي جي سلسلي ۾ ان شخص تي، جيڪو رشوت وصول ڪري ٿو، يا ان مان فائدوحاصل ڪري ٿو. ان تي ناجائز اثر وڌو وڃي. هي عمل رشوت ڏيڻ وارن يا رشوت وٺڻ وارن فردن مان ڪنهن جي طرفان به شروع ٿي سگهي ٿو. فائدا مختلف شڪلين ۾ هوندا آهن. يعني رقم يا قيمتي شيون يا گهٽ اهميت جي حامل فائدن يعني اندروني معلومات يا ملازمت حاصل ڪرڻ لاءِ رشوت خوريءِ جي سدباب جي لاءِ ضروري آهي ته ان کي مجرمانه فعل قرار ڏنو وڃي.

**2. ذاتي فائدو، چوري يا جعلسازي:-** ذاتي فائدي جي لاءِ رقم، ملڪيت يا قيمتي شيون هڙپ ڪرڻ يا انهن کي تبديل ڪرڻ ذاتي فائدي، چوري ۽ جعلسازي جي دائري ۾ ايندا آهن.

**3. ڀتو خوري:-** ڀتو خوري جي اصلاح اهڙن معاملن ۾ استعمال ڪئي ويندي آهي، جتان رقم جي ادائگي لاءِ ٻانهن کي موڙڻ جهڙا طريقا استعمال ڪري، ناجائز دٻاءِ وجهي يا وري ڪنهن تي تشدد، يا اهڙي معلومات عام ڪرڻ جي ڌمڪي ڏيئي جنهن سان ڪنهن کي نقصان پهچائي سگهبو هجي، ان لاءِ ناجائز تعاون لاءِ اماده ڪيو وڃي.

**عهدي جو ناجائز استعمال:-** عهدن کي ذاتي فائدن جي حاصل ڪرڻ لاءِ ناجائز طور تي استعمال ڪرڻ.

❖ **دوستي، رشتيداري ۽ خانداني سرپرستي:-** دوستن، خاندان وارن يا رشتيدارن جي سرپرستي جي معاملن ۾ عام طور تي عهدن جي اختيارن جو ناجائز

استعمال شامل هوندو آهي، مگر ڪجهه مخصوص معاملن ۾ انهن اقدامن جو براه راست سبب بدعنوان شخص جو ذاتي مفاد نه بلڪه ڪجهه خانداني تعلق هونداآهن، مثلا خاندان، ڪنهن اهڙي سياسي جماعت، نسل، مذهب، يا ٻين گروپن جي مفاد جي تڪميل جنهن سان بدعنوان شخص جو تعلق آهي،

❖ **ناجائز سياسي چندا:-** ڪنهن پارٽي يا ان جا رڪن جڏهن هو اقتدار ۾ هجن، رقم جي اهڙي ادائيگي ڪن جنهن جو مقصد ان جي موجوده يا مستقبل جي سرگرمين تي نامناسب طوراثرانداز ٿيڻ هجي، ناجائز سياسي چندا تصور ڪيا وڃن ٿا.

## ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جا ڪجهه پروگرام

---

❖ **شفاف خريداري پروگرام:-** ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان، ڪيترن سرڪاري ادارن سان مفاهمت جي ياداشت تي صحيحون ڪيون آهن. ته جيئن خريداريء جا اهڙا طريقه ڪار تيار ڪرڻ ۾ انهن جي مدد ڪئي وڃي جيڪي پاڪستان ريگيوليٽري اٿارٽي جي پاڪستان پروڪيورمنٽ رول 2004ع مطابق هجن.

❖ **نيشنل ڪرپشن پريسپشن سروي 2009:-** ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان وقفي وقفي سان نيشنل ڪرپشن سروي ڪرائيندي آهي. ان جائزي جو مقصد صرف ملڪ جي مختلف وڏن ادارن ۾ بدعنوانين جي سطح معلوم ڪرڻ ئي نه آهي، بلڪه ان جي بنياد تي موجوده ۽ سابقه حڪومتن جي رينڪنگ جو اندازو پڻ لڳايو ويندو آهي.

❖ **انسداد بدعنواني اصلاحات ڪي مستحڪم ڪرڻ:-** ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان ملڪ جي وڏن شهرن ۾ مقامي حڪومتن جي سهڪار سان شڪايتن جا مرڪز قائم ڪيا آهن. جتي عام ماڻهو پنهنجا مسئلا پيش ڪري سگهن ٿا.

**آگاهي / سجاڳي پروگرام**

❖ **عوامي سجاڳي:** - بد عنوانين جي انسداد سان متعلق مختلف موضوعن جي باري ۾ مواد جي تياري.

❖ **ٻارن لاء:** - هائي اسڪول جي شاگردن لاء پوسٽر پينٽنگ مقابلا منعقد ڪرڻ جنهن ۾ ٻار بدعنوانين جي مختلف قسمن جي عڪاسي ڪندا آهن.

❖ **نوجوانن لاء:** - ڪاليج ۽ يونيورسٽي جي شاگردن لاء مباحثه، سيمينار، ليڪچر ۽ ورڪشاپ منعقد ڪرڻ،

❖ **ٽي وي ڊراما:** - ٽي وي تي خصوصي ڊراما ڏيڪارڻ.

ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان مختلف سماجي تنظيمن سان مفاهمت جي ياداشتن تي صحيحون ڪيون آهن. جنهن موجب انهن ڪارڪنن ڪي تربيت فراهم ڪئي وڃي ٿي. اسان اميد رکون ٿا ته ٽرانسپيرنسي انٽر نيشنل پاڪستان انهن تنظيمن جي مدد سان پاڪستان جي تمام علائقن ۾، هيٺين سطح تائين پنهنجو پيغام پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي مفاهمت جي ياداشتن تي هيٺين تنظيمن سان گڏ صحيحون ڪيون ويون آهن.

1. فنڊا مينٽل هيومن رائٽس اينڊ رورل ڊولپمينٽ ايسوسيشن (FHRRDA)
2. ڪميونٽي اپريزل اينڊ موٽيويشن پروگرام (CAMP)
3. سٽيزنس ڪميشن فارهيومن ڊولپمينٽ (CCHD)
4. رورل ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن (RDO)
5. المهراڻ رورل ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن (AMRDO)
6. ڪڇلاڪ ويلفيئر سوسائٽي (KWS)

ٻين تنظيمن سان به ان سلسلي ۾ مذاڪرات ڪيا پيا وڃن

**سول سوسائٽي جو حصو:-** جيستائين اهي سڀ ماڻهو جيکي سول سوسائٽي ٺاهين ٿا بدعنوانين ۽ رشوت خوري جي خاتمي جي ڪوشش ۾ حصو نه وٺندا، تيستائين ان لعنت جو خاتمو نه ٿو ٿي سهگي. اهو هڪ مشڪل ڪم آهي. پر جيڪڏهن اسان سڀ گڏجي هڪ اڪي طور ڪم ڪريون ته بدعنوانين ۽ رشوت خوري جي لعنت جي خاتمي جو مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو. اهو چوڻ تمام آسان آهي ته فلاڻو ماڻهو رشوت وٺي ٿو ۽ فلاڻي اداري ۾ ڪرپشن تمام گهڻي آهي پر مشڪل اها آهي ته ڪو به ماڻهو ان صورتحال کي ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ شريڪ ٿيڻ لاء تيار نه ٿو ٿئي چاڪاڻ ته ان ڪم لاء نه صرف تمام گهڻي ڪوشش ڪرڻي پوي ٿي ۽ وقت ڏيڻو پوي ٿو پر ڪنهن وقت پنهنجي سڄي زندگيء کي داوء تي لڳائڻو پئجي وڃي ٿو پران لعنت کان نجات حاصل ڪرڻ لاء اسان سڀني کي قرباني ڏيڻي پوندي

**AL AC:** - ٽرانسپيرنسي انٽر نيشنل AL AC جي نالي سان هڪ مرڪز قائم ڪيو آهي. جنهن ۾ تمام رابطي ڪرڻ وارن ماڻهن کي اهي تمام قانوني مشورا ڏنا وڃن ٿا جيڪي ان جي دائري ڪار ۾ اچن ٿا. پاڪستان ۾ ڪٿان به توهان 11-7-84 (0800) تي مفت ڪال ڪري سگهو ٿا. اسان توهان کي مشوري ڏيڻ سان گڏوگڏ توهان جي مسئلي کي ضرورت پوڻ تي مختلف فورم ۾ به وٺي وڃي سگهون ٿا. Gross Root Level تائين پهچڻ جي لاء AL AC هاڻي لاتعداد NGOs سان گڏ نيٽ ورڪ ٺاهڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي.

هاڻ ته اسان تي اها ذميداري عائد ٿئي ٿي ته اسان عهد ڪريون ته ڪنهن به قسم جي ڪرپشن ۽ رشوت جو ساٿ نه ڏينداسين هم خيال ماڻهو پاڻ ۾ گروپ ٺاهي رابطي ۾ رهن چو ته اجتماعي جدوجهد انفرادي جدوجهد کان بهتر آهي. ٽرانسپيرنسي انٽر نيشنل پاڪستان ان سلسلي ۾ مشورا فراهم ڪرڻ لاء هميشه دستياب هوندي ۽ جتي به ممڪن ٿيو اسان توهان کي مدد به فراهم ڪنداسين.

ٽرانسپيرنسي انٽر نيشنل پاڪستان هميشه توهان کي مشورا ڏيڻ ۽ توهان جي مدد لاء ڪوشان

5-C سيڪنڊ فلور حيابان اتحاد، فيز Vii ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي، ڪراچي

ويب سائيٽ www.transparncy.org.pk

اسپانسر:- سوئيس ايجنسي فارڊولپمينٽ اينڊ ڪواپريشن

0800-84-7-11

جيڪڏهن توهان ڏٺو آهي،

يا ٻڌو آهي.

جيڪڏهن توهان ڪرپشن جو شڪار آهيون. ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان توهان کي پنهنجو آواز بلند ڪرڻ جو مشورو ڏئي ٿو.

مفت قانوني مشوري جي لاء ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جي آلاڪ AL AC سينٽر سان رجوع ڪريو.


ايڊريس:- 5-C 2nd Floor Khayaban- E- Ittehad Phase VII, D.H.A, Karachi .

ٽول فري نمبر:- 0800-84- 7-11

فون : (92—21) 3538-1481- & 3539-0450

فيڪس:- (92—21)3539-0410

اي ميل:- alacpakistan@gmail.com

ويب سائيٽ:- www.alacpakistan.com